# ڊي.ڊي. سنڌي

شري چاند پنجابي

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ٽي.ويءَ (ٽيليوزن) جهڙو شڪتيشالي ساڌن (ميڊيا، ذريعو) ٻيو ڪوبہ ناهي. ڀارت ۾ دوردرشن جدا جدا ٻولين جا چينلس ڏيکاري ٿو. مثلا ڊي. ڊي. مرهٽي، ڊي.ڊي. جگراتي، ڊي.ڊي. اُڙيا وغيرهہ انهن چئنلس کي پنهنجي پنهنجي راجيہ سرڪار مالي امداد ڏئي ٿي ۽ پروگرام ٺاهڻ، پيش ڪرڻ لاءِ بجيٽ مقرر ڪري ٿي. سئٽيلائيٽ ذريعي اهي چينلس ڀارت ۾ ۽ دنيا جي 146 ملڪن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. بدقسمتيءَ سان سنڌين کي پنهنجي ڪا زمين ڪانهي ، انڪري نہ ڪا راجيہ سرڪار ، نہ ئي ڪو ڊي.ڊي. سنڌي چينل. ڀارت جي ائين شيڊيول ۾ شامل اچ ڪل 22 ٻوليون آهن. سنڌي 1967 ۾ شامل ڪئي ويئي. ڀلا سنڌيءَ سان ماٽيلو ورتاءُ ڇو؟ ائين شيڊيول ۾ جيڪي ٻوليون شامل آهن ، انهن سڀني جي ترقيءَ جي جوابداري سرڪار مٿان آهي. سڀ راجيہ بجيٽ مقرر ڪري سرڪار ڀاران اهو ڪم ڪن ڀيا پر جن ٻولين جهڙوڪ اردو، سنسڪرت ، سنڌي کي پنهنجو ڪو راجيہ ڪونهي تہ انهن جي جوابداري سينٽر تي آهي. هاڻ تہ اُردوءَ کي بہ پنهنجو چينل ملي ويو آهي تہ باقي سنڌيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟

جڏهن اسان سنڌي چينل جي ضرورت جو سوال سنڌي اڳوانن دادا، ايل ڪي. آڏواڻي، شري رام جيٺملاڻي، شري سريش ڪيسواڻيءَ اڳيان رکيو تہ هنن بہ مڃيو تہ ضرورت آهي پر....

مارچ 2007 ڪانوني سنڌي سنگت ڀاران هفتي ۾ هڪ دفعو سنڌي پروگرام ’سنڌي سرهاڻ‘ ٽي.ويءَ تي ڏيکاريو پيو وڃي . پروگرام جو معيار سٺو هجڻ ڪري اُهو ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو آهي ۽ هر طرف کان وقت وڏائڻ جي گهر پيئي ٿئي. پر سٺا معياري پروگرام ، ٽيليفلمس، ويڊيو گيت ٺاهڻ لاءِ لڳن، وقت ۽ پئسي جي گهرج ٿئي ٿي. گهٽ ئي سنڌين اسانکي مالي امداد ڏيڻ ۾ ساٿ ڏنو آهي پر صرف اڌ ڪلاڪ پروگرام لاءِ. جي مدد وڌايو وڃي تہ انلاءِ سڀني جي سهڪار جي

ضرورت آهي. سڀ کان وڏي گھرج آهي گڏجي پنهنجي حق وٺڻ جي زوردار گھر ڪرڻ جي. ها! اسانکي سنڌي دوردرشن گھرجي. اها گھر اسين گڏجي خط لکي ڪريون يا جدا جدا خط لکون پر سرڪار کي جدا جدا شهرن مان گھر ٿيڻ ڪپي. پنهنجي ٻولي، ڪلچر کي وڌائڻ ئي اسانجو اُديش، اسانجو مقصد آهي. انلاءِ اڇو تہ گڏجي يڪمشتيءَ سان زوردار نموني جا خط لکي سرڪار کي، پنهنجي ليڊرن کي جاڳايون. جڏهن سنڌي آنديءَ ۾ جوت جڳائي سگھن ٿا، هر مشڪل جو مقابلو ڪري سگھن ٿا، راستريہ گيت ۾ سنڌ لفظ کي قائم رکائي سگھن ٿا تہ ڇا هڪ چينل نٿا گھري سگھن؟ اڇو هڪ ٻئي جا هٿ مظبوط ڪريون، ٻيا شخطي متڀيد وساري پنهنجو ڏي.ڏي سنڌي چينل سرڪار کان وٺون.

## زندهہ سا قوم رهندي جنهنجي زبان زندهہ